# سدائیں جوان

# سدائیں نروگو

Indra Devi



”منهنجي سر، مونکي پوءِ ٻه دوارا سچي عبد واري هرڪا
وستو ٻلڪل پيئي آهي. اِن مونکي نئين راهه ڏيکاري آهي ته
وڌيڪ تندرست، وڌيڪ سکي ۽ وڌيڪ سڦل جيون، ٻنا
ڏپ ۽ جوش جي ڪئن ماڻجي — جيون جنهن جي بنياد ڪو آرٿ
۽ آدرش هجي. منهنجي اِها دلي آشا ۽ تمنا آهي، ته هي
پسنگ توکي پڻ انهن وستن پرائڻ ۾ واهر ڪندو، جي مون
سيني سائنس مان هن جهوني ۾ جهوني سائنس جي سکيا جي
پيروي ڪرڻ مان پرايون آهن.“

— اِندرا ديوي

# سدائين جوان

# سدائين نروگو

[١٩٥٧ جو اسٽيٽ اوارڊ مليل]

ليکڪا :

اِندرا ديوي

هندستان ساهتيہ مالا - بمبئي

هندستان ساهتيہ مالا ـ سال ٢: پستڪ ٨

چاپو پهريون: مئي ١٩٥٦
چاپو ٻيو: ڊسمبر ١٩٥٦
چاپو ٽيون: آگسٽ ١٩٥٨

All rights reserved, including the right to reproduce this book, or portions and illustrations thereof, in any form. Copyright by Prentice Hall Inc., 70 Fifth Ave, New York, N. Y.

[ ترجمو ٿيل ]

قيمت ٣ـ٠٠ روپيہ

ملڻ جو هنڌ:
هندستان ڪتاب گهر
١٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Printed by Mansing Chulhermal at Navrashtra Press, 23, Hamam Street, Fort, Bombay-1, and published by him for the 'Hindustan', 13, Hamam, Street Fort. Bombay-1.

ٽن ئي ڪي
آرپيم
جن ڪي آهي سڀني لڳن
سدا جوانيءَ
۽
سدا نروگائيءَ
سنديءَ

## ٻه اکر

مون هي ڪتاب هڪ نئي ڀاونا سان لکيو آهي ته مون جيڪي پنهنجا انوکا تجربا پرايا آهن — اهي آزمودا جن، مون هڪ روڳي، ڏکڻي ۽ دکي استريءَ کي، سکي، تندرست ۽ سرير خواهه من ۾ شانت، ميه انسان جي قطار ۾ آندو — سي مان توسان ونڊي وراهيان.

آءٌ نهايت اڳهي، بي آرام ۽ اٻاڻڪي هوندي هيس، جيتوڻيڪ مونکي پڙهي ڪتب ۽ ڪيترائي رس پريا متر هئا. يوڳ جي اڀياس ۽ سادنائن دواران ئي مون وري پنهنجي هٿ. سچائي ۽ مانسڪ آرام پراپت ڪيو. يوڳ، سريرڪ، مانسڪ ۽ آتمڪ سادنائن لاءِ ڀارت جو هڪ پراچين مارگ آهي.

جن يوڳياڻن منجهان مان اڳي لنگهي چڪي آهيان تن مان لوڪي ۽ ٻار ٻوڙهن ۾ سهانتا ڏيڻ لاءِ، تون هي ڪتاب، مهرباني ڪري، منهنجي هڪ سچي ڪوشش ڪري ڄاڻج.

اِندرا ديوي

پرائڻ ۽ واھر ڪندو، جي مون سيني سائنسن مان ھن جھوني ۽ جھوني سائنس جي سکيا جي پيروي ڪرڻ مان پرايون آھن.

١

## يوگ ڇا آهي؟

ڪئليفورنيا ۾ هڪ لڳ ڀڳ گيلارب هاسر جي ”ٿلهن جي ٽوليءَ“ اڳيان لاس اينجيلس ۾ يوگ تي وياکياڻ ڏئي رهيو هيم. جڏهن ليڪچر پورو ڪيم، تڏهن منهنجي ساٿڻ ڪي يوگ آسڻ ڪري ڏيکاريا. پڄاڙيءَ جو مونکان ڪيترائي سوال پڇيا ويا. اوچتو پهرين قطار مان هڪ ننڍي عمر واريءَ استريءَ مونکان پڇيو، ”تون گهڻا دفعا ’يوگرت‘ وٺندي آهين؟“ (ولايت ۾ لسيءَ کي چون ’يوگرت‘ Yogurt).

مونکان ٽهڪ نڪري ويو، جواب ڏنومانس: ”خير، مونکي پورو ياد نه آهي، ڪڏهن هر روز، ته ڪڏهن نه به وٺندي آهيان.“

”۽ مونکي هرروز ڪيترو انداز وٺڻ گهرجي؟“

”جيترو تون چاهين. تون نج به وٺي سگهين ٿي، يا سلاد سان گڏي وٺ. پر تون پڇين ڇو ٿي؟ مون اڄ ’يوگرت‘ تي ته ليڪچر ڪونه ٿي ڏنو.“

”هائو“ هن ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”سڀني ميز ۾ اچي ٽهڪڙو پيو. ڳالهه ڪندي، اهو به ٻڌايائين ته پين جيان هوءَ به يوءَ يوگ جي تمام شائق پوئلڳڻ ٿي رهي. پر هيءَ نرالي ڳالهه آهي. مون فقط هيءَ ڳالهه انهيءَ ڪري ذڪر ڪئي، ڇاڪاڻ جو ڪيترن ئي کي يوگ بابت عجيب غريب خيال ويٺل آهن. مان هن باب ۾ ’يوگ ڇا آهي؟‘ سو مختصر ريت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديس.

يوگ جسماني، مانسڪ ۽ آتمڪ سکيا جو هڪ مارڳ آهي.

مونکي سڌ نہ آهي تہ مان ڪيتري قدر توکي جيون بخش ٻساهہ جي يوڳ سنيهي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهيان، پر مونکي پڪ آهي تہ جيڪڏهن تون أيا ساهہ، تال ۽ وزن سان ڪڍڻ سکندين ۽ نيمائتو ڪندو رهندين، تہ تون جلدئي انَ جو ڪٽڪاري اثر معلوم ڪري سگهندين. ان سان ضرور تنهنجو سرير وڌيڪ تندرست ۽ صاف رهندو، تنهنجو من وڌيڪ چٽو ۽ سانتيڪو رهندو، ۽ تنهنجي آتما وڌيڪ اوچ ۽ بلنديءَ واري رهندي.

۽ جيڪڏهن توهان ائين هر روز ڪندا رهندؤ، ته توهان پنهنجي سيت ۽ چمڪ نوڙي سگهندئو ۽ پنهنجن چنتائن کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب اُڇلي ڇڏيندئو. جنهن انسان کي اها پروڙ آهي ته ڪئن ڍرائي ڏجي، تنهنکي سڪل، صحت بخش ۽ وڏي آورجا ماڻڻ جو راز اچي ٿو وڃي.

ڀرائيءَ جي نموني ۾ هلڻ چالڻ گهرجي؛ ۽ جيڪڏهن توکي دلڪش
ٻيهڪ گهرجي، ته ان لاءِ اُڏيان بند آسڻ (پيٽ اندر ڇڪڻ)،
يوگ مدرا (پدم- ڪنول- آسڻ ۾ مٿو ڌرتيءَ تائين آڻڻ)،
هل آسڻ (هَرَ جيان ٻيهڪ)، پون- مڪت آسڻ (پيٽ مان
ڪني هوا ڪڍڻ وارو آسڻ) ۽ پشيمتان آسڻ (مٿو گوڏن تي رکڻ)،
نهايت ئي مددگار ٿيندا.

ٿي جو هن سرير جي صفائي شروع ڪئي هئي. اڄ ٻاڻ ۾ وڏيڪ ٻل پيٽي سمجهي، پنهنجا ڪپڙا ڌوتائين، ٻارن لاءِ کاڌو تيار ڪيائين ۽ هاڻ مون لاءِ ڪجهه ٽائيپ ڪري رهي آهي.

مان توسان ڳالهيون ڪري توکي ورت رکڻ لاءِ هرڪاڻ جي ڪوشش نه ٿي ڪريان. توکي ليستائين ورت رکڻ نه گهرجي جيستائين توکي يقين ٿئي ته اُن مان توکي فائدو ٿيندو. هڪ وار تون ورت رکڻ جو فيصلو ڪرين، ته هيٺين ڳالهين لي ضرور ڌيان ڌرج: وٽمدڙ وايو منڊل، ورت کان ٿورا ڏينهن اڳ رسون ۽ هلڪو کاڌو کائڻ، ۽ ورت جي ڏينهن ۾ هرروز انيما ڪرڻ. ۽ اها ڳالهه ياد رکج ته ورت جا پهريان ٽي ڏهاڙا وڏيڪ اُهنجا ٿيندا آهن.

اهڙيءَ ريت، ٻيا ٻه اُچار ٿين ٿا جن جو سرير جي ٻين انگن تي اثر پوي ٿو. ڪنهن اُستاد کان اُهي سڀ سکڻ گهرجن. يوگين جو اهو مَتو آهي ته جي اسين قدرت کي بنا اَنڪ جي ڪم ڪرڻ ڏينداسين، ته اسان جو سرير وڏي ڪ صفا ۽ نروئو رهندو. انهيءَ ۾ ذرو به سنديه نه آهي ته اسين جي اهي حرف علت وارا شبد زور سان اُچارڻ ڪري سرير ۾ لرزش آڻينداسين ۽ اُيا ساهه کڻنداسين، ته اسان جي ڪن بيمارين گهٽجڻ ۾ سهارو ملي سگهندو. اهڙيءَ ريت اون ڄاڻڻ دواران صحت ڏانهن وک وڌائيندو وينداسين.

سنگيت هميشه سيني ڌرمي ڪريائن جو هڪ مکيه جزو ٿي پئي رهيو آهي. انجو ڪارڻ هي آهي ته ياترت ۾ انين مڃيو ويو ٿو ته ڪن منترن جا لهرا قدرت جي سُرن سان هم ساز ٿا ٿين. انهنجو سنبنڌ اندرين شڪتيءَ سان آهي ۽ اهي ڪن حرف علت وارن شبدن جي اُچارڻ دواران صحت بخش اثر پيدا ڪن ٿا.

## ١ نلين بنا ڳلقڙا

مون اڳي نلين بنا ڳلقڙن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي وڌيڪ سمجهاڻي هت ڏينديس. انهن کي نلين بنا ڳلقڙا انهيءَ ڪري ٿو چئجي، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجون رسون سڌو رت جي ڌارا ۾ ٿا وجهن. انهن ڳلقڙن کي ”اينڊوڪرائين سرشتو“ ڪري ٿو چئجي. ان ۾ پٽيوٽري ۽ پينيل ڳلقڙا، جي کوپڙيءَ جي ٻُور ۾ ٿا ٿين، ٿائرائڊ ۽ پيرا ٿائرائڊس جي ڳچيءَ جي هيٺان ڳلي جي ويجهو ٿا ٿين؛ ٿائمس جو دل جي مٿان ڇاتيءَ اندر ٿو ٿئي؛ ائڊرينلس (يا سپرارينلس)، جي ٻڪين مٿان ٽوپ جيان آهن؛ ۽ پيداشي ڳلقڙا؛ اهي سڀ اچي ٿا وڃن.

اهي ڳلقڙا سڀ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان سنبند ۽ سهڪار ۾ ٿين ٿا. اهي هڪ ٻئي تي مدار رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ مدد ڪن ٿا. انهن جي ڪارروائي ۽ واڌارو هر هڪ انسان جي بهبوديءَ لاءِ نهايت ضروري آهي ۽ هنجي شخصيت تي هڪ نه ٻئي مکيه ڳلقڙي جو وڏو اثر پوي ٿو. انهن جون باريڪ رسون جن کي هارمونس (Hormones) ٿو چئجي، سي ئي ان لاءِ جوابدار آهن جو ڪي انسان روشن دماغ ٿا ٿين، ته ڪي وري ٻڌي-هيڻا؛ ڪي ديو جهڙا انسان ٿا ٿين، ته ڪي وري ڏيرا ۽ لانيرا؛ ڪي خوش طبع ٿا ٿين، ته ڪي وري اداس ۽ غمگين. انهن رسن جي دوري سبب چستي، سگهه، ستيا، ٻهڪندڙ چهرو ۽ جيون جي سڄي ڪارروائيءَ ۾ شڪتي ۽ استرتا اچي ٿي. ڊاڪٽر هاسڪنس پنهنجي پستڪ 'The Tides of Life' ۾ چيو آهي ته انهن رسن جو اثر اعتبار کان ٻاهر لنگهي ٿو وڃي.

## اينڊو ڪرائينس (نلين بنا) ڳلقڙا



سيرش آسڻ تي زور ڏيڻ گهرجي.

انهن آسڻن مان کهڙا آسڻ، کهڙن کهڙن ٻلقڙن تي ڀرياءُ وجهن ٿا سو ٻه مان هت ٻڌايان ٿي، جئن توکي سڌ هجي ته تو لاءِ کهڙو آسڻ وڌيڪ گهربل ٿيندو. پٽيوٽري ۽ پينيل ٻلقڙا سيرش آسڻ ۽ متسيه آسڻ دوارا نيڪ ٿين ٿا؛ ٿائرائڊ ۽ پئراٿائرائڊس ٻلقڙا سرو-انگ آسڻ، سيرش آسڻ، وپريت ڪرڻي، هر آسڻ ۽ متسيه آسڻ دوارا؛ ائڊرينلس ٻلقڙا يوجنگر آسڻ، مڪڙ آسڻ، ڌنر آسڻ، آرڌا-متسيندر آسڻ، متسيه آسڻ ۽ آديان بنڌ دوارا؛ جنس وارا ٻلقڙا وپريت ڪرڻي، سرو-انگ آسڻ، سيرش آسڻ ۽ آديان بنڌ دوارا. سڀني ۾ سنو طريقو اِهو آهي ته آسڻ اهڙا ڪجن، جن مان سيني ٻلقڙن کي فائدو پهچي سگهي، ڇاڪاڻ ته اِهي هڪ ٻئي تي مدار رکن ٿا، ۽ اُن سان گڏوگڏ اُنهيءَ آسڻ تي وڌيڪ زور ڏيڻ گهرجي جنهن جي توکي خاص ضرورت هجي.

جيڪڏهن تون اِهي آسڻ نيم سان ڪندو رهندين، ۽ اونهن ساهن کڻڻ تي ڌيان ڏيندين، ته تنهنجا ٻلقڙا وري جلدي دستوري ڪرڻ تي اچي پهچندا. هڪ واريءَ سندن آڏو اَٽڪ دور ٿي، ته پوءِ انهن جي نيڪ ڪارروائيءَ ۾ ڪا ٻي اَڙچڻ ڪانه پوندي.

سڌو هٿڻ گهرجي.

سمهڻ کان ٿورو اڳ، ڳرو ڀوڄن نہ کاءُ.

هنڌ ۾ سمهي نہ پڙهہ.

ڏير ڏير تائين نہ جاڳ، ڇاڪاڻ جو سٺي ۾ سٺي ننڊ اُها آهي جا اَڌ رات کان اڳي ٿي اچي.

سمهڻ وقت ٿورا اَيا ساهہ کڻندو ڪر.

هنڌ ۾ سمهي ٻانهن کي ڦيرائي ونهائڻ جي ڪسرت ڪر. مان وري بہ هت ڏهرايان ٿي تہ يوگ طريقي ساهہ کڻڻ، سيرش آسڻ ۽ جهولڻ واري ڪسرت مان پوري وقت اندر تنهنجي ننڊ ڦٽڻ دور ٿي ويندي.

مونکي خبر نہ آهي تہ تون هنن هدايتن مان ڪيترين جي پوئواري ڪندين. شايد گهڻين جي نہ، جيستائين ڪ تون اهڙو بيزار ٿيو هجين جو ڪهڙي بہ ڳالهہ آزمائڻ لاءِ تون تيار هجين.

ڪان ڇٽي پيو، پر پنهنجي ترش مزاجي، شڪي سڀاءَ سان ٻچ، ۽ ڏک درشتيءَ کي تلانجلي ڏيئي ڇڏيائين. هن اصل ”نئون جنم“ تي چاهيو ۽ نه فقط يوگ ڪيپرن جي سکيا جو ڪجهه عرصو. سچ پچ هن جي حالت ۾ تيو به لائين، جڏهن سندس استريءَ مترن ۽ سندس دفتر ۾ ڪم ڪندڙن مونکي ٻڌايو. هنجي زبردستن ڪيترائي دفعا منهنجا ٿورا مڃيا جو سندن زبردست صاحب کي مهربان ۽ همدرد بنائڻ ۾ مان ڪامياب ٿي هيس.

جڏهن ابا ڳالهه ڦهلجڻ لڳي ته سيرش آسڻ ۽ ٻين يوگ آسڻن دوارا، مٽي جي سور مان ڇوٽڪارو ملي ٿو، تڏهن ڪيترائي منهنجن ڪلاسن ۾ اچي شامل ٿيا. انهن کي يا سندن ڊاڪٽرن مون ڏانهن ٿي موڪليو يا پاڻمرادو مون ڏانهن ڇڪجي ٿي آيا. مٽي جي سور لاهڻ لاءِ تون پنهنجي سر اڪيلو به ڪوشش ڪري سگهين ٿو. رڳو يڪدم سيرش آسڻ ڪرڻ شروع نه ڪر. اول ٻيا ڪي آسڻ هفتو کن ڪر، ۽ پوءِ هت ڏنل سڀ هدايتون چڱيءَ طرح ڌيان ۾ رکي سيرش آسڻ ڪرڻ شروع ڪر.

ڀڇي ته شروع ۾ هيءَ ڪسرت ٽيهارو سيڪنڊ ڪجي ۽ آهستي آهستي ٻه منٽن تائين وڌائيندو وڃجي. هي اُشوٽي مدرا ۽ سيرش آسڻ، سرو-انگ آسڻ ۽ وپريت ڪرڻي، صدين کان پرش جي جيون شڪتيءَ کي وري قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ پرسڌ آهن.

ساڳيءَ طرح اُڌيان بند، يوگ مدرا، هل آسڻ، متسيه آسڻ، سپت وجر آسڻ به جنس وارن ۽ ٿائرائڊ گلنڊن تي اثر وجهن ٿا ۽ انهن کي جوان ۽ تندرست رکڻ ۾ واهر ڪن ٿا.

هنن مان ڪنهن به ڪسرت ڪرڻ ۾ جوکو ڪونه آهي، پر هن پستڪ جي ٻئي ڀاڱي ۾ جيڪي هدايتون ڏنل آهن تن جي پوري پوئواري ڪرڻ گهرجي. ان ۾ هر هڪ آسڻ جو بيان وچوڙوار ۽ تصويرن سان ڏنل آهي.

جيڪڏهن ڪو به آدمي پيار ۽ جنس-سنبند تي پوري وڃار نٿو ڌاري سگهي، ته هو ڪڏهن به آتمڪ اُنتي ڪري ڪين سگهندو، پوءِ ڪٿي هو ڪنوارو رهندو هجي. عام پرش خواه استري، جنهن کي برهمچريه رهڻ جي ڪا به چاهنا نه آهي تنهن کي ضرور جنس-چڪ رهي ٿي. انهن لاءِ يوگ ڪسرتون نهايت ڪارگر ٿينديون.

سياءَ، هوش عقل وارو ۽ آدارچت آهين، ڪين هيچي، ساڙيلو ۽ ريسارو آهين؟

سڄي سونهن ۽ سوڀيا انهيءَ ۾ آهي ته اسين اندر خواه ٻاهر سهڻا سوڀياوان رهون. ڪابه 'ميڪ-اپ' تنهنجي مک جي چوڏاري اونهيءَ گهاريءَ کي ڍڪي ڪين سگهندي، نڪي اُن مان تنهنجي چهري تان سوارٿپڻي جي ڇاپ ميٽجي ويندي، يا تنهنجي نيترن مان ڌڪار جي نگاه غائب ٿي ويندي. هاڻ، تون ڪا گهڙي بلڪل شانت ۾ رهه، ۽ پاڻ کان هي سوال پڇ: "مان اهڙو سهڻو سوڀياوان آهيان جهڙو مان جيڪر ٿي سگهان؟"

سمر آسڻ ۾ ٻئي ٽنگون مرن وٽ هڪ ٻئي مٿان ورايل هئڻ گهرجن. ٽريون کولي هٿ ڪٽرين مٿان رکڻ گهرجن ۽ ساڄو هٿ کٻي ٽريءَ جي مٿان رکڻ گهرجي.

جنهن صورت ۾ ڪي ٿورا سيڪڙات يڪدم اهي ڏيان ۾ وهڻ وارا آسڻ درست نموني ۾ ڪري تا سگهن، تنهن صورت ۾ تون اول پلٿي ماري سهنجو ٿي ويهه. رڳو اها ڪوشش ڪر ته پنيءَ جو ڪنڍو بلڪل سڌو هجيئي. منهنجي آڏيا پڪ، ڏيان ۾ وهڻ کان اڳ سيرش آسڻ ڪرڻ جي مونکي صلاح ڏني جو اُن لاءِ نهايت مددگار آهي. واس.ڏوپ ۽ ڏيان ۾ وهڻ لاءِ تمام ڪارائتو ٿو ٿئي.

پئي ڪيا آهن تن اُن جي ساراهه پئي ڪئي آهي، پر منهنجو اهو خود شخصي آزمودو، اول وديارٿڻ جي حيثيت ۾ ۽ پوءِ اَڌياپڪ جيُ حيثيت ۾ پئي رهيو آهي. مون ايترا ته مانسڪ روڳي، يوڳ ساڌنائن دواران چونڪارو پائيندا ڏٺا آهن جو مان انهن ۾ وشواس رکڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهان.

مون جيڪي هن ڪتاب ۾ چيو آهي سو فقط پنهنجن شخصي آزمودن، ڀاونائن ۽ ويچارن جو اظهار آهي. منهنجو ڪنهن به خاص سماج، ٽوليءَ يا سنستا - ڌرمي، راجنيتڪ، خواهه ڌنڌي واري - سان لاڳاپو نه آهي. ۽ ڪتاب ۾ کهڙيون به خاميون هجن، منهنجي ان لکڻ ۾ مراد بلڪل نيڪ آهي. مونکي ۽ ٻين هيترن کي جو يوڳ مان هيڏو فيض رسيو آهي، سو مان انهيءَ خيال کرڻ کان رهي نٿي سگهان ته اهو تو لاءِ به يقينن گڻڪاري ثابت ٿيندو ۽ تون اُن ۾ پنهنجي لاءِ صحت، جواني، وڌي آورجا ۽ اَندر جي آرام ۽ آنند جو راز ڀسندين.

جيڪي سريرڪ صحت کان ڪجهه وڌيڪ چاهي رهيا آهن تن لاءِ يوڳ آسڻ، موُزون ساهه، آسائش ۽ آهار، ايڪاگرتا ۽ ڌيان ڏانهن ڪمائتا قدم آهن.

تون ڪٿي ڪير به هجين، منهنجا اَڻواقف متر، مان دل ۽ جان سان اِهائي آشا ٿي رکان ته يوڳ دواران تون جيڪي چاهي رهيو آهين سو شل پراپت ڪرين، پوءِ ڪٿي اهو سريرڪ پورنتا، من جو آنند، يا اُها ڳالهه هجي، جا دماغ جي دائري کان مٿيرو آهي!

## عام هدايتون

آسڻ زمين تي وڇايل کٿي، گلم يا ٿهه ٿيل بلئنڪيٽ تي ڪر.

آسڻ چڱي هوادار ڪمري ۾ ڪر.

آسڻ خالي پيٽ تي ڪر (ڳري رسوئيءَ کان ٽي چار ڪلاڪ پوءِ ۽ هلڪي رسوئيءَ کان ڪلاڪ ٻه پوءِ).

آسڻ شروع ۾ پندرهن منٽن کان وڌيڪ نه ڪر.

آسڻ هڪ ڪلاڪ کان مٿي ڪڏهن به نه ڪر.

آسڻن جي وچ وچ ۾ جلد جلد ٿوري ساهي پٽ.

هرهڪ آسڻ سان گڏ اونها مؤزون ساهه کڻ.

سدائين وات بند ڪري ناسن مان ساهه کڻ.

وڏي بيماري بعد هفتو کن فقط ساهه کڻڻ جون ڪسرتون ڪر ۽ پوءِ آهستي آهستي آسڻ ڪر.

استرين کي ماهواريءَ جي ڏينهن ۾ ڪا به ڪسرت سواءِ ڳجهيءَ، اکين ۽ ٻ رانيءَ وارين ڪسرتن جي، نه ڪرڻ کپي. گرڀ جي ٽئين مهني بعد فقط هلڪيون ڪسرتون ڪرڻ کپن.

ٻنهيءَ تي ليٽ ۽ پير ڇڪي بدن ڏانهن ويجهو آڻ جئن گوڏا مٿي چڙهي اچن.

هٿ پاسن سان سدا رک ۽ اکيون بند ڪر، جو ڇت ڏانهن اجايو نهارڻ مان ڪو فائدو ڪونهي ۽ پل اکين کي آرام ملي.



ڪندر آسڻ

هاڻ پنهنجي ٻنهي ۽ ٽڙا پٽ ڏي مٿي کڻ ۽ ساڳي وقت اونهو ساهه کڻ ۽ ساهه جيترو وقت جهلي سگهين اوترو جهل ۽ انهيءَ ڍنگ ۾ رهه ۽ ٻنهي جيتري موڙي سگهين اوتري موڙ ۽ پوءِ جئن ٻنهي هيٺ پٽ تي آڻين تئن ساهه ٻاهر ڪڍ.

هيءَ ڪسرت ٽي چار دفعا ڪر.

جيڪڏهن تنهنجي ٻنهي ضعيف هجي، يا ٻنهيءَ ۾ سور پيو هجيئي، ته هيءَ ڪسرت ڪڏهن به نه ڇڏ. هن ڪسرت مان ٻنهيءَ کي طاقت اچي ٿي ۽ ڇيلهه جي سور ۾ ڇوٽڪارو ملي ٿو.

## ٥. پون-مڪت (وائو نورت) آسڻ ١
**The Gas Relieving Posture**

نالي مان ئي ظاهر آهي ته هي آسڻ ڇا لاءِ آهي. هي آسڻ به سولو آهي ۽ هند ۾ به ڪري سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ اهو پٽ ۾ لهه تيل بلئنڪيٽ، فراسيءَ يا تڏي تي ڪرڻ گهڻو بهتر آهي.

پٺيءَ ڀر ٻئي پير ڊگها ڪري سمهه. پوءِ ساڄي ٽنگ مٿي ڪڻ ۽ اونهو ساهه کڻي گوڏي کي موڙ. ساهه روڪي ٻنهي هٿن سان گوڏو ڇڪي پيٽ سان لڳاءِ. پوءِ ٻانهون پاسن سان سڌيون رکي ٽنگ ڊگهير (پير جون آڱريون مٿهن طرف هجن) ۽ پوءِ آهستي آهستي ٽنگ پٽ تي هيٺ لاهه ۽ ساڳي وقت ساهه به ٻاهر ڪڍندو وڃ.
ساڳي طرح کٻيءَ ٽنگ سان ڪر ۽ پوءِ ٻنهي ٽنگن سان. سڄي ڪسرت به ٽي دفعا ڪر.



پون- مڪت آسڻ

جيڪڏهين توهان شروعات ۾ پيرن تائين نه پهچي سگهين يا توهنجو نرڙ هيٺ گوڏن تائين نه اچي سگهي، ته دل شڪست نه ٿيءُ؛ پنهنجن مرن يا سٿرن کي قابو جهلي ۽ پاڻ کي اڳتي جهڪي، جيترو هيٺ نئڙي سگهين اوترو پاڻ نئڙاء.



پشچموتان آسڻ

توهنجي لاءِ اهو مددگار ٿيندو جي توهان پيرن جي چوڏاري ڪو پٽو ويڙهي ڇڏين ۽ پوءِ جڏهن توهان پنهنجو سر اڳتي جهڪين، تڏهن پٽي کي لغام جيان هٿن ۾ جهلين. پر مهرباني ڪري پاڻ کي اهو ڌوڪو اصل نه ڏج جو گوڏا وڏي موڙين - توهنجون ٽنگون بلڪل سڌيون هئڻ گهرجن.

**٧. اَرڌ - پدم (اڌ ڪنول) آسڻ The Half-Lotus Posture**

اَرڌ - پدم (اڌ ڪنول) آسڻ ۾ پنهنجين خوبين کان سواءِ پدم آسڻ (ڪنول آسڻ) لاءِ هڪ تياري آهي. هيءَ ڪسرت توهنجن ٽنگن ۽ گوڏن کي موڙڻ ۾ مدد ڪندي.



أرڌ-پدم آسڻ (ٻي ٻيهڪ)

انهيءَ صورت ۾ ٻاڻ کي ٽورن سيڪنڊن لاءِ جهل ۽ وري ساڳي ڪسرت ٻه ٽي دفعا ڪر. بدن جي انهيءَ صورت کي هميشه آهستي آهستي ڇڏ ۽ ٻنا جهوٽي جي اَصلي صورت کي وٺي رس.

هاڻ وري ساڄي ٽنگ کي ڪابو ٻير رک ۽ سڄي ڪسرت وري مٿان کان وٺي ڪر.

اَرڌ-پدم آسڻ اهڙوئي اثر ٿو ڪري جهڙو پشچموتان آسڻ (نمبر ٦ ). اهو پيٽ جي چرٻي گهٽائڻ، قبضي ٽوڙڻ، ۽ ڇيله جي سور ۽ سائيٽيڪا سور ڇٽائڻ ۾ مددگار ٿو ٿئي. پيٽ جي مشڪن، وڏي آنڊي، ۽ ننڍيءَ کي سگهاري ڪرڻ، پٺيءَ جي ڪنڊي کي نرم ۽ مڙندڙ بنائڻ ۽ گوڏي جي نس واري مشڪ کي اچڪ ڏيڻ سان گڏوگڏ، اَرڌ-پدم آسڻ ضعيف مُرن کي طاقت ڏئي ٿو ۽ گوڏن ۽ ٽنگن جي ٻين سڌن کي مُلايم ڪري ٿو.

### ٨. پدم (ڪنول) آسڻ The Lotus Posture

ڀارت ۾ پرمپرا کان پدم آسڻ ڌيان لاءِ ڪيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو من کي ايڪاگر ڪرڻ لاءِ اهوئي سڀني ۾ سٺو طريقو آهي. توهان هي آسڻ تيستين ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجو جيستين اوهان جا ڳوڏا، پدم آسڻ ۾ سولائيءَ سان توهان جا گوڏا ٺيڪ دار نه ڌرتي سان لڳن. ان کان پوءِ ئي توهان پنهنجي ٻئي ٽنگ چاڙهي سگهندين ۽ ڪڙي ٻئي سٿر تي رکي سگهندين. اهڙيءَ ريت توهان پدم-آسڻ ٺيڪ ڪري سگهندين.



پدم آسڻ (گلوريا سونسن) [illegible]



پدم آسڻ (اندرا ديوي)

شروع ۾ توهان گهڻو ڪري هيءُ آسڻ ٿورن سيڪنڊن کان وڌيڪ ڪري ڪين سگهندين، پر هر روز جي استعمال کانپوءِ توهان هي آسڻ بنا هلاڪيءَ جي ۽ سٿرن ۾ سور ٿيڻ کان سواءِ ئي ڪري سگهندين. ڏکڻ هندستان ۾ ته ماڻهو هن آسڻ ۾ ويهي نه رڳو ڌيان ڪن، پر پڙهڻ، لکڻ، ڪم ڪار ڪرڻ يا کائڻ به هن طرح ويهي ڪن.

پدم آسڻ ۾ نسن کي شانت رکڻ لاءِ نهايت اثرائتو آهي؛ ان ۾ سنڌ ملائم ٿين ٿا، ۽ جسم جو پٺيءَ جو ڪنڊو بلڪل سڌو رکيو آهي تنهن ڪري ان ۾ بدن جي چال چلڻ ٺيڪ رهي ٿي. هي آسڻ، يوگ جي پوين منزلن جي سکيا لاءِ نهايت مکيه آهي.

## ٩. يوگ مدرا (نمڻ وارو) The Stoop

هي آسڻ هن ريت ڪيو ويندو آهي: پدم آسڻ جيان ويهي، هٿ پٺيان پڪڙي جهل؛ اونهو ساهه کڻ ۽ وري جڏهن ٻاهر ڪڍين، تڏهن ٻانهن کي اڳيان نيڙاءِ جيسين تنهنجو نرڙ اچي پٽ سان لڳي.

هن ڍنگ ۾ ٿورا سيڪنڊ ويهه ۽ وري آهستي آهستي موٽي اصلوڪي طرح ٿي ويهه.



يوگ مدرا



ترڪون آسڻ

هي ترڪون آسڻ پٺيءَ جي ڪنڍي جي نسن ۽ پيٽ جي پاڻيءَ کي طاقتور ڪري ٿو ۽ پٺيءَ جي ڪنڍي کي هٿ پاسي نئڙڻ جي چرپر ڏئي ٿو ۽ آنڊن ۾ هلچل تيز ڪري قبضيت لاهڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو. ساڳي وقت جيڪڏهن ڏڏ، سٿرن يا ٽنگن جي هڏن پڇڻ ڪري ٽنگون ٽنڊيون ٿي ويئون هجن، ته اهي پڻ وڌي سگهن ٿيون.

## ١١. ترڪون آسڻ (پٺيءَ وارو ٽڪنڊو)
## The Supine Triangle Posture

پير جدا ڪري ويهه، همت پٺيءَ وٽ قابو جهل، گوڏا سڌا رک. اونهو ساهه کڻ ۽ جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍين تڏهن هيٺ نئڙ، جيستائين تنهنجو نڙ ساڄي گوڏي سان لڳي. پوءِ اصلوڪيءَ صورت ۾ موٽ ۽ ساڳي ڪسرت وري ٻئي پاسي ڪر. هي آسڻ ڪجهه وقت گهرندو، سو دلشڪست نه ٿج.



ترڪون آسڻ (ٻنهي وارو)
هن آسڻ جا اهي ٻه ڪڙا آهن جهڙا پورڻ ترڪون آسڻ جا.

## ١٢) ڀجنگم (نانگ) آسڻ The Cobra Posture

پيٽ ڀر ليٽ، ترين ڇاتيءَ جي ٻنهي پاسي رک ۽ ٺونٺيون مٿي ڪڻ. ٽنگون سڌيون رک ۽ آڱريون موڙ نه. هاڻ اونهو ساهه کڻ ۽ جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍڻ لڳين تڏهن ترين تي زور ڏيئي پنهنجو ڌڙ مٿي کڻ ۽ ٻنهي ڪمان وانگر بهار (سريرجو ڌن ڪان هيٺيون ڀاڱو، زمين سان ٻي لڳو پيو هجي)، پوءِ ساهه روڪي مٿو پٺتي اڇل ۽ هن حالت ۾ ٿورا سيڪنڊ رهه ۽ پوءِ وري اصلوڪي صورت ۾، جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍين تڏهن اچ.
ڀجنگ آسڻ انڊريل گلئڊن (صفحو ٩٧) کي نيڪ رکي ٿو. جن کي گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري ٻنهيءَ ۾ سور پوندڙ هجي تن لاءِ هي آسڻ فائديمند آهي ۽ اُن مان ٻنهيءَ جو ڪمزو

جيڪڏهن پنهنجي جاءِ تان ٿورو ٽڙي ويو هوندو ۽ پوري جاءِ تي اچي ڀهندو، اُن سان لاڳو نسن ۾ طاقت ايندي، پٺيءَ جو ڪنڊو لچڪدار ٿيندو ۽ پيٽ جي مشڪن کي سگهه ايندي. جن اِسترين کي ڳيڀرڻ وغيرهَ جي ڪا حرڪت هوندي،



ڀجنگ آسڻ

تن لاءِ هيءَ سٺي ڪسرت آهي. جن ماڻهن جو پيٽ ڪاڏي ڪانڻ ڪان پوءِ ڦوڪجي ٿو پوي تن کي هن آسڻ تي زور ڏيڻ گهرجي.

## ١٣. سلڀ (مڪڙ) آسڻ The Locust Posture

پيٽ ڀر ليٽ جئن ڪاڏي زمين سان اچي لڳي، ٻانهون پاسن کان سڌيون هجن، مُنهون پڪوڙيل ۽ پير جون آڱريون سڌيون هجن. اونهو ساهه ڪڍي ساڄي ٽنگ جيترو مٿي ڪڍي سگهين اوترو مٿي ڪڍ، جيترو وقت ساهه جهلي سگهين اوترو وقت ٽنگ مٿي

جهل ۽ پوءِ ٽنگ هيٺ لاهيندو ساھ آهستي آهستي ٻاهر ڪڍ.

هيءَ ڪسرت وري ڪابيءَ ٽنگ سان ڪر ۽ پوءِ وري ٻنهي ٽنگن سان، جنهن بدن جو سڄو زور ڪاڌيءَ، ڇاتيءَ ۽ پڪوڙيل مُٺين تي رهي.




سلڀ آسڻ

هيءَ ڪسرت وري ڪرڻ کان اڳ ڪجھ ساهي پٽ.

سيڪڙامت لاءِ سولائي ٿئي ٿنهن لاءِ مان صلاح ٿي ڏيان ته ٿون پنهنجون ترڀون سڄرن هيٺان آڻي انهن کي آڱرين سان مٺي ڇڪ.

سلڀ آسڻ ڦڦڙن، ٻنيءَ ۽ نهائين وغيره لاءِ سٺي ڪسرت آهي. ڀڄنگ آسڻ جيان هيءَ لاڳاپو رکندڙ نسن کي طاقتور ڪري ٿو، پيٽ جي مشڪن کي سگهارو بڻائي ٿو، ٻنيءَ جي ڪنڌي کي اپڪ ڏئي ٿو ۽ ائڊرينل ڳلڦڙن جي ڪارروائيءَ کي تيز ڪري ٿو. هن ڪسرت ۾ ٽڙا وڌيڪ پڪا ٿين ٿا ۽ انهن جي ٿولهه به گهٽجي ٿي. جن ماڻهن کي ڪاڌي کائڻ کان پوءِ جلدي پيٽ جي پرلي ٿي پوي ٿي، تن کي هن آسڻ مان چڱو فائدو ٿيندو.

## ١٤. ڌنر (ڌنش) آسڻ The Bow Posture

پيٽ ڀر ليٽ، ٽنگون مٿي کڻي گوڏن وٽ موڙ؛ مُرن کي هٿن سان پڪڙ. اونهو ساهه کڻ ۽ ٻئي ٽنگون ۽ ڌڙ مٿي کڻ جئن پٺي ڌنش (ڪمان) جيان ٿي بيهي ۽ تون فقط پيٽ تي ليٽيل هجين. هن ڍنگ ۾ تون ٿورا سيڪنڊ رهه ۽ ساهه روڪ، پوءِ جئن ساهه ٻاهر ڪڍين تئن آهستي آهستي ٽنگون هيٺ لاهه.



ڌنر آسڻ

ٽنگون مُرن کان پڪڙي پٺيءَ ڏانهن نه ڇڪ، پر مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪر ۽ پنهنجا سٿر زمين تان مٿي کڻ. جيڪڏهن تنهنجا هٿ مرن تائين نه پهچي سگهن ته رومال، پٽو، يا ٽوال ٻيڻو ورائي هرهڪ مري تي وجهه، جئن ٽوڪي جهلڻ ۾ سولائي ٿئي.



وپریت کرنی



هل آسڻ

پٺ ڀر سان لڳي ٽڏهن پنهنجا گوڏا سڌا ڪري پيرن جون آڱريون مٿي سڌيون جهلي پوءِ اونهو ساهه کڻ ۽ جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍين، تڏهن هوري هوري ڊگهيون ٿيل ٽنگون هيٺ لاهه، جيسين سڄو بدن پٺ سان سڌو اچي لڳي. پنهنجا پير جيستائين پٺ سان لڳن تيستائين تون هڪ ٻيو ساهه جهلڻ جي ڪوشش نه ڪر، پر جڏهن پير لاهيندو هلين تڏهن گهٽائي دفعا پيو ساهه کڻ.

جيڪڏهن تنهنجو پيٽ جو ڪنڊو تمام ملائم نه آهي، ته تون شروع ۾ هي آسڻ پوريءَ ريت نه ڪري سگهندين. ۽ جي ڪٿي تنهنجون پيرن جون آڱريون پٺ کان گهڻو پري ٿين، ته تون دلشڪست نه ٿيءُ. روزاني استعمال ۾ ئي اهو راز سمايل آهي جو تون هي آسڻ ٺيڪ ريت ڪري سگهين.

مان توکي ٻي سولي وات ٿي ڏيکاريان: پٺيءَ ڀر ليٽ جڏهن تنهنجو مٿو ڀت کان انڪل ۾ فوٽ پري هجي. هاڻي وڇريس-ڪرسي



هل آسڻ ( ٻيو نمونو )

شروع ڪر، پوءِ پنهنجون ٽنگون سر مٿان آڻ جيستائين تنهنجي پيرن جون آڱريون پٺ سان اچي لڳن. پوءِ پٺ تان هيٺ "پنڌ" ڪري هل. پر پيرن جون آڱريون زور سان پٺ تي نه آڻ، ڇاڪاڻ جو اُن مان شايد ڪا سخت مشڪ ڇڪجي پوي.

هل آسڻ تائرائڊ ڳلٽڙي، جيري ۽ هياڙيءَ تي اثر وجهي ٿو. جن ماڻهن کي سنڌن جي سور، ٿولهه، نسن جي تڪليف، هڏن جو وائي سور، بدهاضمي ۽ قبضيت جي شڪايت آهي تن لاءِ هي آسڻ تمام لاڀدائڪ آهي. اُن مان پٺيءَ جو ڪنڊو سخت ٿيڻ ۽ بگڙجڻ کان روڪجي ٿو ۽ اُن کي ملائم ۽ صحتمند رکڻ ۾ مدد ملي ٿي.

جيستائين تون پنهنجو پٺيءَ جو ڪنڊو ملائم ۽ جوان رکي سگهندين تيستائين تون سچ پچ ٻڍاپي کي دور هٽائي سگهندين.



سرو- انگ آسنا

## ١٨ متسيم (مڇي) آسڻ The-Fish Posture

پدم-آسڻ ۾ تي ويهه. پنهنجو سر پٺتي اُڇل ۽ ساڄو هٿ پنهنجي بدن پٺيان پٽ تي رکي ۽ کابيءَ ٺونٺ تي ٽيڪ ڏئي، پٺي کمان جيان وراءِ پوءِ ساڄي پاسي بدن پٺتي موڙ جيسين تنهنجي مٿي جي چوٽي وچي پٽ سان لڳي. (پٺي ۽ کلها، پٺيءَ جي ڪنڌي جي کمان ٺهڻ ڪري پٽ سان ڪونه لڳندا)؛ پنهنجي پيرن جي آڱرين کي هٿن سان جهل، اکيون بند ڪر ۽ اونها ساه کڻ.

هن ٻيهڪ ۾ ڪجھ سيڪنڊن رهه.



متسيم آسڻ

جيڪڏهن تون پدم-آسڻ نه ٿو ڪري سگهين ته پٺي موڙڻ کان اڳ صرف پلٿي ماري ويهه. ان حالت ۾ تنهنجا هٿ پيرن جي آڱرين کي پهچي ڪين سگهندا ۽ ان ڪري تون هٿ پاسن تي رکج.

متسيه آسڻ ٻچيءَ کي نرم ڪري ٿو ۽ اُنکي ڏکو بہ ڪري ٿو، پنيءَ کي طاقتور بنائي ٿو، نسن کي خورش ڏئي ٿو ۽ ڳلي کي سوپيڪ بنائي ٿو. دمڪشيءَ ۽ ڇاتيءَ جي تڪليف لاءِ پڻ فائديمند آهي. هي آسڻ پتيوٽري، پينيل، ٿائرائڊ ۽ اڊرينل ڳلٽن جي ڪارروائيءَ کي ٺيڪ رکي ٿو.

## ١٩. جهولڻ واري ڪسرت The Swaying Posture

پٽ تي ويهي ٻئي ٽنگون ساڄي پاسي ڪر ۽ هٿ مٿي تي ٻاڌي ٻر ملائي جهل. اونهو ساهه کڻ ۽ جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍين، تڏهن بدن جي مٿين حصي کي (چيلهه کان وٺي) ساڄي طرف پاسيرو جهول. ائين ڪهڻيئي دفعا ڪر، پوءِ وري ٽنگون کاٻي پاسي ڪري ٻئي طرف ڌڙ کي ڦيراءِ.



جهولڻ واري ڪسرت

هن ڪسرت مان پاسريءَ جا هڏا وڌن ٿا، ڪمر جي ٿولهه گهٽجي ٿي ۽ جيرو ۽ هيانءُ چست ٿين ٿا.

## ٢٠. اَرڌ-مَتسيندر (موڙڻ وارو) آسڻ
## The Twist Posture

پٽ تي ٻئي ٽنگون سڌيون ڪري ويهه، پوءِ ساڄو پير کاٻي گوڏي مٿان پٽ تي رک؛ کاٻو گوڏو اهڙيءَ طرح موڙ جئن کڙي ساڄي ٽري هيٺان اچي، جئن ٻيءَ تصوير ۾ ڏيکاريل آهي. جيڪڏهن هي تو لاءِ تمام ڏکيو لڳي، ته پوءِ کاٻي ٽنگ پٽ تي ڊگهي رهي جئن پهرينءَ بيٺڪ واريءَ تصوير ۾ ڏيکاريل آهي)؛ هاڻ ساڄي پير جون آڱريون کاٻي هٿ سان جهل؛ ساڄو هٿ چيله جي پٺيان آڻ (هٿ جي ٽري کليل هجي). اونهو ساهه کڻ؛ جئن ساهه ٻاهر ڪڍين ٿئن آهستي پنهنجو مٿو، ڪلها ۽ چيله، ساڄي پاسي جيترو ڦيرائي سگهين اوترو ڦيراءِ.

هن بيٺڪ ۾ ٽورا سيڪنڊ ساهه روڪي ويهه، پوءِ آهستي ساهه ٻاهر ڪڍندو موٽي اصلوڪي حالت ۾ بنا جهوٽي جي اچ.



اَرڌ-متسيندر آسڻ (پهرين بيٺڪ)



اَرڌ-متسيندر آسڻ (آخرين بيهڪ)

هن آسڻ ۾ آخرين بيهڪ هيٺئين ڏيندي آهي جو کابي ٻانهن ساڄي گوڏي جي ٻئي پاسي وراڻجي جيئن مٿين تصوير ۾ ڏيکاريل آهي. هيءَ منيءَ ۾ ڪرڻ شايد اوهانجو ٿئي، تنهنڪري پلي شروعات ۾ سولي رستي ڪر جيسين توهان آخرين آسڻ ٺيڪ طرح ڪري سگهين.

هي آسڻ ان کان پوءِ ٻه دفعه ٽائين ڪر ۽ پوءِ وري پنهنجي هٿن ۽ ٽنگن جي بيهڪ ڦيرائي کابي پاسي ڪر.

هي آسڻ قبضيت، ٿولهه، بدهاضمي ۽ دمڪشيءَ لاهڻ لاءِ تمام مددگار آهي. ان جو اثر ڪِين، جيري، هياڻي ۽

اٿڻ رهنديون ڳلڦڙن تي پوي ٿو.

## ١٢. وجر آسڻ The Pelvic Posture

هيٺ گوڏا گڏي کوڙي، پير ھڪ ٻئي کان پري ڪري ويھ،
پوءِ ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ جھُڪ (ڪڙين تي نه ويھ)، جئن
ٿرا وچ پٽ سان لڳن.
ٿوري ساعت کن هن ھينڪ ۾ ويھ (ٽورن سيڪنڊن کان



وجر آسڻ



سپت - وجر آسڻ

## ٢٣. گئو مکهہ آسڻ (ڳانءِ) The Cow Posture

موڙيل مُرن (يا ڪرڙين) لي ويهہ، ساڄي ٻانهن سر مٿان ڏکهي ڪر ۽ کاٻي ٻانهن پاسي کان جهل ۽ هاڻ ٻئي آڱريون موڙ جئن هٿ پٺيءَ جي وچ لي اچي هڪ ٻئي کي پڪڙين. اکيون بند رک ۽ اونهو ساهہ کڻ. پوءِ وري، ٻانهون مٽائي ساڳيو آسڻ ڪر.

گئومکهُ آسڻ پٺيءَ جي مشڪن کي سگهارو ڪري ٿو، ٻانهن جي ڏورن ۽ ڇاتيءَ کي طاقتور ڪري ٿو، ٻانهن کي ڏکهو ڪري ٿو ۽ پٺيءَ جي ڪنڊي کي سڌي رکڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

جيڪڏهن شروعات ۾ توهانجا هٿ پٺيءَ وٽ پاڻ ۾ نہ گڏجن، تہ پلي ڪو پٽو يا رومال ڪم آڻ، ان کي ٻنهي ڇيڙن کان جهل ۽ آهستي آهستي هٿن جي وچ مفاصلو گهٽائيندو وڃ.



ڳئومک آسڻ

## ۲۴. أڏيان ڪسرت (پيٽ اندر ڇڪڻ) The Stomach Lift

سڌو ٿي بيهه، پنهنجا پير هڪ ٻئي کان فوٽ کان ٿورو وڌيڪ پري ڀار. اونهو ساهه کڻ ۽ ٻاهر ڪڍ ۽ وڌيڪ نئين ساهه کڻڻ کان سواءِ، پنهنجو پيٽ اندر ڇڪ، جئن منجهس کڏ ٿي پئي. هاڻ پنهنجا گوڏا ٿورو موڙ، هٿ سٿرن تي رک ۽ بدن ٿورو اڳتي نئڙاءِ. پيٽ اندر ڇڪڻ وقت ساهه اصل نه کڻ.



اُڏيان ڪسرت

جيستائين تون پنهنجو ساهہ روڪي سگهين، اوستائين هي آسڻ جاري رک. توري ساهي پٽي، وري هيءَ ڪسرت ٽن کان ڏهن دفعن تائين ڪر.

تون سامهون ڪرسيءَ جي پٺيءَ سان هٿ جي آرسي ڪٽي رک جئن تون هن ڪسرت جو اثر ڏسي سگهين.



سنڌ آسڻ

هيءَ حالت ٽِرن سيڪنڊن لاءِ ڪر ۽ پوءِ وري ڇڏ. جيڪڏهن ٽون پنج يا ڇهه دفعا ڪندين، ته ٽوڪي نڙيءَ جي سور ۾ هڪدم فائدو پهچي ويندو ڇاڪاڻ ته هي آسڻ نڙيءَ جي مشڪن کي مالش ٿو ڪري ۽ انکي صحت ۽ طاقت وٺائي ٿو ۽ جنهن عضوي کي تڪليف آيل هوندي، تنهنکي

يڪدم وڌيڪ رت پهچائي ٿو. نڙيءَ جي رڳن ۾ مشڪن کي ٻه
اهو سگهارو ڪري ٿو.

## ٣٦. ميُور (مور) آسڻ The Peacock Posture

هيٺ ڪپڙي جو تهه ڪاهي اُن تي گوڏا کوڙي ويهه ۽ گوڏا هڪ ٻئي کان ڌار هجن ۽ ٻئي ڪرايون ۽ ٺونيون ملاءِ ۽ انهن کي پيٽ جو هيٺيون پاڳو رک. هاڻي پنهنجون آڱريون پٺتي ڏکيون ڪر، پيرن جون آڱريون هيٺ پٽ تي هجن. پوءِ اونهو ساهه کڻ ۽ آڱريون پٽ تان مٿي کڻ جئين بدن جو مٿيون پاڱو ٺونن جي آڌار تي بيٺو رهي. ڪوشش ڪري آڱريون بدن جي ٻئي پاڱي ۾ مٿي سان سڌيون هجن. هيءُ بيهڪ ٿورن سيڪنڊن لاءِ رک ۽ پوءِ پير پٽ تي لاهيندو ساهه ٻاهر ڪڍ.



ميُور آسڻ



سیرش آسن



سیرش آسنا (کمد م)




سیرش - پدم آسن

چوٿيون ۽ ڪاڏي نڪتائي ڇڏ جئن منهن جون مشڪون ڍريون ٿين. پاڻ کي اِئين سمجھ جڻ ته تون ڪپڙي جي گُڏي يا آلي ٽوال جيان آهين. تون موزون ساھ کڻ، جڻ ته ننڊ ٿي اچيئي. پنهنجو من اُن وقت صفا خالي ڪري ڇڏ ۽ ڪنهن به ڳالھ کي ياد نه ڪر. اِئين سمجھڻ جي ڪوشش ڪر ته تون بلڪل فرحت سان ڍرائپ وٺي رهيو آهين ۽ نهايت آرام ۾ آهين. (هيءَ ڍرائپ وٺڻ واري وات ڍرائپ واري باب ٽئين ۾ اڳيئي سمجھايل آهي).

شو-آسڻ ۾ ٿورو وقت رهي، پوءِ آباسيون ڏيڻ ۽ پنهنجن عضون کي ٻ گهيرڻ شروع ڪر. ياد ڪر ته ٻليون اڪثر ڪري ڪئن ڪنديون آهن. پوءِ تون نهايت هَري هَري اُٿ.

# پڼوټري


## الف

آسڼ ۱۹، ۲۲، ۲۵، ۲۶، ۲۸، ۵۱، ۱۰۰، ۱۰۱، ۱۰۲، ۱۰۹، ۱۱۹، ۱۳۴، ۱۵۱–۱۵۳، ۱۵۴

" تڼولي ۱۹

" سيرش ۱۹، ۲۰، ۲۶، ۱۰۵، ۱۱۲، ۱۱۵، ۱۱۷، ۱۱۸، ۱۲۵، ۱۳۵، ۱۳۶، ۱۴۵، ۱۷۲، ۱۹۱–۱۹۶

" سيرش پدم ۱۹۶

" پشچموتان ۲۱، ۲۲، ۶۷، ۱۰۸، ۱۵۹–۱۶۰

" سروانګ ۲۱، ۱۰۴، ۱۰۵، ۱۲۵، ۱۳۵، ۱۳۶، ۱۷۲، ۱۷۷–۱۷۸

" هل ۲۱، ۲۲، ۶۷، ۱۰۴، ۱۰۵، ۱۰۸، ۱۳۶، ۱۷۴–۱۷۶

" کندر ۱۵۶–۱۵۷

" پون-مکت ۶۷، ۱۰۸، ۱۵۸–۱۵۹

" ارد-پدم ۱۶۰–۱۶۲

" پدم ۵۱، ۶۰، ۶۶، ۶۷، ۱۴۴، ۱۶۳–۱۶۵

" يوګ مدرا ۶۷، ۱۰۸، ۱۳۶، ۱۶۵–۱۶۶

آسڼ ترېکون ۱۶۶–۱۶۸

" پچنګ ۱۰۵، ۱۰۸، ۱۶۸–۱۶۹، ۱۷۰

" سلپ ۱۰۵، ۱۰۸، ۱۶۹–۱۷۰

" ډنر ۱۰۵، ۱۰۸، ۱۷۱–۱۷۲

" وپريت-کرټي ۱۰۴، ۱۰۵، ۱۳۵، ۱۳۶، ۱۷۲–۱۷۴

" متسيه ۱۰۵، ۱۲۵، ۱۳۶، ۱۷۹–۱۸۰

" آرد-متسيندر ۱۰۵، ۱۲۵، ۱۸۱–۱۸۳

" وجر ۱۸۳–۱۸۴

" سپت-وجر ۱۰۴، ۱۲۵، ۱۳۶، ۱۸۴–۱۸۵

" ګڅومک ۱۸۵–۱۸۶

" آديان ۱۰۵، ۱۰۸، ۱۳۶، ۱۸۶–۱۸۸

" سنه ۱۲۹، ۱۳۰، ۱۸۸–۱۹۰

" مېوُر ۱۹۰–۱۹۱

" شوَ ۱۱۲، ۱۹۸–۱۹۹

" سد ۱۴۴

" سوستک ۱۴۴

" سر ۱۴۴، ۱۴۵

" اشوټي مدرا ۱۳۵، ۱۳۶

انني بيسنت ۵

اوميٖن شهر ٥، ٦، ٧
آڪسيجن ٢٢، ٣٧، ٣٨، ٣٩، ٤٢، ٤٥، ٤٦، ٧٢، ٨٢، ٨٦، ٩٩، ١١٥، ١٢٧
آيا ساهه ٢٥، ٢٦، ٣٧-٥٥، ٦٦، ٨٢، ٨٥، ٩٥، ١٠٠، ١٠٤، ١٠٦، ١٠٧، ١١١، ١١٢، ١١٥، ١٢٧، ١٣٤
الٽيون ٤٧
آهار (کاڌو) ٦٨-٨٢
" رڌل ٦٩
" تريل ٧٠، ٨١
" ڪاربوهئڊريٽ ٧٠
" پروٽين ٧٠
" گندڪ ٧١، ٧٩
" کاڄ ٧١، ٧٤، ٨٣
" نشاستا ٧٠، ٧١
~~" هڪ شيءِ وارو ٧٩~~
" پاڻ ۾ نهڪندڙ ٧٩، ٨٠
" ميل جوڙ وارو ١٢٧
" واءِ جو ويلو ٧٤
" نيرڻ ٧٤
اپٽن سنڪليئر ٨٦، ٨٧
آنڊا ٨٧، ١٠٦، ١٠٧، ١٠٩، ١١٩، ١٣٩، ١٥٩، ١٦٢، ١٦٦، ١٦٧، ١٧٢، ١٨٤، ١٩١
اداسائي ٨٧، ١٠٢
انيما ٨٨، ١٠٧، ١٠٨
آواز جون لرزشون ٩٢-٩٥
انسٽ ٦٩
اکيون ٧٠، ٩٤، ١٠٠، ١٠١، ١٠٣، ١٠٤، ١٥٥-١٥٦، ١٩٥
ايڪاگرتا ١٤٣، ١٤٤
استري- پرش سمبنڌ ١٣١-١٣٦
آتمڪ اُنتي ١٣١، ١٣٦
انفلوئينزا ١٢٧، ١٣٩
اپينڊسائيٽس ١٣٩
اوڪڙ و وهڻ ١٠٨، ١٠٩


ب


بلئوسڪي، مقدمو ٣
بدهاضمو ٥٨، ٦٩، ٧٢، ١٧٢، ١٧٦، ١٧٧، ١٨٣، ١٨٤، ١٨٨، ١٩١، ١٩٥
بدن جي پيهڪ ٢٥، ٦٥-٦٧، ٩٨، ١٦٥
ٻکيون ٧١، ١٧٧، ١٩١
برهمچريه ١٣٢، ١٣٦
بليڊر ٨١
برنارڊ شا ١٤٧


ٻ


ٻُڌ ٨٣
ٻوڙاڻ ٨٧
ٻار، ڏوهاري ٣٨
" ڪمزور دماغ وارا ٣٨، ٣٩

## ٻ

ٻاجيون ۷۰، ۷۱
ٻُتَ ۷۱

## ٽ

ٽڪڙ واري جيون ۵۸

## ٿ

ٿولهه ۴۶، ۶۹، ۷۱، ۷۸، ۷۹، ۱۰۲، ۱۳۸، ۱۴۸، ۱۷۰، ۱۷۶، ۱۸۲
ٿڌ ۵۴
ٿڪاوٽ ۱۹۵

## ٺ

ٺڪور، رابندرانات ۹
ٺافيون ۱۳۷

## پ

پيٽ ۷۱، ۱۰۸، ۱۵۹، ۱۶۲، ۱۶۶، ۱۶۷، ۱۶۹، ۱۷۰، ۱۷۲، ۱۸۴، ۱۸۸، ۱۹۱
پيٽ اندر ڦٽ ۴۰، ۶۹، ۱۱۷
پران ۴۴، ۴۵، ۶۱، ۷۴، ۷۵
پراڻايام ۲۷، ۲۸، ۴۴، ۵۰
پنيءَ جو ڪنڊو ۵، ۶۵، ۶۶، ۱۴۵، ۱۶۲، ۱۶۵، ۱۶۷، ۱۶۸، ۱۶۹، ۱۷۰، ۱۷۲، ۱۷۶، ۱۸۰، ۱۸۵
پنيءَ جو سور ۱۵۷، ۱۶۸
پئنڪريس ۱۹۱
پناڻ ۷۰، ۷۹
پاڻي ۷۴، ۱۰۸
پاڻي گرم ۱۱۴
„ چڪايل ۸۶، ۱۲۱
پِڪَ ۸۸
پتي جي پٿري ۱۳۹
پند ڪرڻ ۱۱۱

## ڦ

ڦقڙ ۴، ۱۷۰

## ج

جواهرلعل نهرو ۹، ۱۲، ۲۰، ۱۹۶
جواني ۲۵، ۴۲، ۴۶، ۶۵، ۸۷، ۹۹، ۱۳۵، ۱۴۶-۱۴۹، ۱۵۱، ۱۷۲، ۱۷۶
جيرو ۷۱، ۱۷۲، ۱۷۶، ۱۹۱، ۱۹۵
جيون شڪتي ۷۴، ۱۰۰، ۱۳۶
جنس شڪتي ۱۳۱، ۱۳۲، ۱۳۴، ۱۳۵
جنس عضوا ۱۹۵
جوُسر ۸۱

## چ

چربي ۴۶، ۹۸
چنتا ۵۶، ۶۰، ۶۴، ۱۳۹
چانور ۷۰
چاهه ۷۳، ۱۲۰
„ قودني جي ۱۱۴، ۱۲۸
„ ليمي جي پنن جي ۱۲۲
چمڙي ۸۷
چستي ۹۸، ۹۹، ۱۷۷، ۱۹۵

چهرو ١٠٠، ١٣٨
چرپائي ١٤٨
چيلهه جو سور ١٥٧، ١٥٩، ١٦٢
چانبي ١٨٠، ١٨٥

ح

حافظو ٤٦

خ

خيال شڪتي ١٤١–١٤٥

د

دل ١٩٥
دل جي ڌڪڻي ٢٠
دل جي تڪليف ٤٠، ٥٨، ١٣٩
دماغ ٣٩، ٤٦، ٤٧، ٩٤، ١٠٢، ١٩٥
دمڪشي ١٢٢–١٢٦، ١٣٩، ١٧٧، ١٨٠، ١٨٢، ١٩٥

ڌ

ڌرتيءَ تي ليٽڻ ٦١، ٦٢، ٦٦
" جو ڪرنٽ ١١٠
ڌيان ١٤٣، ١٤٤

ڏ

ڏڪڻي ٤٨، ٥٦
ڏند ١١٩، ١٢١

ڊ

ڊپ ٤٧، ١٣٩، ١٤٨
ڊرنگ ١٣٧

ڍ

ڍرائي ٥٦–٦٤، ١٣٩، ١٩٨–٨٩٩
(ڏسو: سيٽ)

ر

رام چارڪ يوگي ٢
روني ٧٠
" لهڻ گڏيل ٧٣
رلو-بند ١٠٢، ١٠٣، ١٠٤
رت جو وڌيل دٻاءُ ٤٠، ١١٢

ز

زڪام ٣٩، ٨٧، ١٢٦–١٢٨

س

سنڌن جي سوڄ ۽ سور ٣٦، ٨٧، ١١٩–١٢٢، ١٣٨، ١٧٦
سگريٽ ٤٠، ٤١، ٤٢، ٥٦، ١١٧، ١٢٧، ١٣٧، ١٣٨
سيٽ ٤٧، ٥٩، ٦١، ٦٤، ١١٤، ١٣٩، ١٤٨
سٽپ ٧٠
سايون چيزون ٧٠
سويا مٽر ٨٠
سائيٽيڪا سور ٨٧، ١٥٩، ١٦٢، ١٨٤
سائنس ١١٩، ١٢٧
سرڪي جي پٽي ١٢٨
سونهن ٨٧، ١٣٤، ١٣٧–١٤٠
سنگيت ٩٥
سمهڻ جو طرف ١١١

ش

شراب ۵۶، ۱۱۷، ۱۲۷، ۱۳۴، ۱۳۹

غ

غصو ۱۳۹

ف

فاسفورس ۹۹

ق

قبضيت ۵۸، ۶۹، ۷۱، ۱۰۶-
۱۰۹، ۱۳۲، ۱۳۸، ۱۴۸،
۱۵۹، ۱۶۲، ۱۶۶، ۱۶۷،
۱۷۲، ۱۷۶، ۱۷۷، ۱۸۲،
۱۸۸، ۱۹۱، ۱۹۵

ڪ

ڪرشنامورتي ۵، ۶، ۷، ۹،
۱۰، ۱۱

ڪنفيوشس ۷

ڪؤليا ذام ۲۰، ۲۱، ۲۴

ڪؤليا آنند، سوامي ۲۰

ڪرشناماچاريه ۲۲، ۲۳، ۲۷

ڪاربان ڊائيڪسائيڊ گئس ۳۸

ڪئنسر ۴۰

ڪلين جي تڪليف ۴۰، ۱۱۹،
۱۲۹

ڪپڙا ۵۴

ڪيڪ پيسٽريون ۷۱، ۱۳۷

ڪسرت ۷۱، ۷۳، ۱۰۰، ۱۰۲،
۱۰۳، ۱۱۱، ۱۱۲، ۱۱۷،
۱۱۹، ۱۲۷، ۱۳۲، ۱۳۴،
۱۳۶، ۱۳۷، ۱۳۸، ۱۵۱، ۱۵۳

ڪسرت ڳچيءَ جي ۱۵۵

" آکين جي ۱۵۵-۱۵۶

" جهولڻ جي ۱۱۵، ۱۵۶

" ساهه کڻڻ جي ۱۹۶-۱۹۸

ڪافي ۷۳، ۱۲۰، ۱۳۴

ڪوڪو ۷۳، ۱۲۰

ڪٽڪ جو تخم ۷۶

ڪلوروفل ۸۰

ڪَڻ ۹۴

ڪئلشم ۹۹

ڪبدلني ۱۳۱

ڪام ترشنا ۱۳۴

ڪمر ۱۸۰

ک

کنگهه ۴۰

کير ۷۱، ۷۲، ۸۴

کنڊ ۷۳، ۷۵، ۷۶، ۱۲۰

گ

گانڌي، مهاتما ۲، ۹، ۸۳

گيلارڊ هاسر ۳۱، ۳۹، ۷۲

گئس ۶۹، ۷۱، ۷۹، ۸۴، ۱۷۲،
۱۸۴، ۱۸۸

گلوڪوس ۷۱

گرهست يوگي ۱۳۲

گوڏي جي نس ۱۵۹، ۱۶۲

ڳ

ڳلفڙا ۲۵، ۸۶، ۹۲، ۱۰۰، ۱۰۱

ڳلقڙا نلين بنا ٢٥، ٩٦-١٠٥
" پٽيونري ٩٦، ٩٧، ٩٨، ١٠٤، ١٠٥، ١٣٥، ١٨٠، ١٩٥
" پيندل ٩٦، ٩٧، ٩٨، ١٠٥، ١٨٠، ١٩٥
" ٿائرائڊ ٩٦، ٩٧، ٩٨-٩٩، ١٠٥، ١٣٥، ١٧٢، ١٧٦، ١٨٠، ١٩٥
" پيرا ٿائرائڊس ٩٦، ٩٧، ٩٩، ١٠٥، ١٩٥
" ٿائمس ٩٦، ٩٧، ٩٩
" ائڊرينلس ٩٦، ٩٧، ٩٩، ١٠٥، ١٧٠، ١٨٠، ١٨٣، ١٨٨
" جنس وارا (پيداشي) ٩٦، ٩٧، ٩٨، ٩٩، ١٠٠، ١٠٥، ١٣٥، ١٨٨، ١٩٥
گيسرڻ ١٠٢، ١٣٩، ١٦٩
ڳچي ١٨٠

گھ

گھگھو آواز ٤٠
گھنبج ١٣٨، ١٧٢

ل

لرزشون ٤٧، ٥٠
(ڏسو: آواز جون لرزشون)
لوڻ معدني ٧٠
لوڻ بنا ڪاڏو ١٢٠
" پاڻي ١٢٩
ليمي جي رس ٨٦، ٨٨، ٩٠، ١٢١، ١٢٨
لهرا، منترن جا ٩٥
"لڳ نديو، جيءَ گهٽو" ١٤٧

م

مٽي جو سور ٢٠، ٥٨، ١١٦-١١٨، ١٩٥
مستڪ ١٣٣
مانسڪ تڪليفون ٢٠، ٤٩، ١٤٨، ١٤٩
مانسڪ پراني ٣٤
من لي ضابطو ٤٩، ٥٥
من جو علاج ٥٩
ميوا ٧٠، ٧١
" ترش ٧٩
مڪروني ٧٠
منا پيشاب ٧١
ماکي ٧٣، ٧٧، ٧٨، ٨١، ٩٠، ١١٤، ١٢٨
مکڻ، بيهي مگن جو ٧٨
مسيح ٨٣
موسيٰ ٨٣
محمد ٨٣
مالش ١١٣
ماس ١٢٠

ن

نسون ۳۹، ۴۶، ۴۷، ۵۸، ۶۱، ۶۶،
۸۷، ۱۰۰، ۱۰۱، ۱۱۲،
۱۶۵، ۱۶۹، ۱۷۰، ۱۷۶،
۱۷۷، ۱۸۰، ۱۸۸
نلين جي سوچ ۴۰
نروگاڻي ۴۳، ۵۵، ۶۴، ۶۵، ۶۸، ۹۵
نند قتنڱ ۵۸، ۱۱۰-۱۱۵، ۱۹۵
ناريل جو پاڻي ۹۰
نڪ ۹۴، ۱۹۵
" سڻڪڻ ۱۲۸
نڙيءَ جو سور ۱۲۹-۱۳۰، ۱۸۹
۱۹۵
(ڏسو: ڪلين جي تڪليف)
نهائين ۱۴۴، ۱۵۹، ۱۶۲، ۱۶۶،
۱۷۰، ۱۷۲، ۱۸۴
نابي چڪر ۱۳۳، ۱۳۴، ۱۸۸
تراساڻي ۱۳۹، ۱۴۸

و

وڏي آورجا ۳۳، ۶۴، ۱۴۶،
۱۵۳
وٽامن سي ۴۲
ورزش ۸۱، ۸۳-۹۲، ۱۲۸
وڏ جيوڙا ۸۴، ۱۲۵
ويريه ۱۷۷، ۱۹۵
وار ۱۹۵

’ودِيڪ آنند ماڳ، ودِيڪ
صحت ماڳ‘ ۳۹

هه

هندستان ۱، ۳، ۴، ۵، ۷، ۸،
۹، ۱۰، ۱۱، ۱۲، ۱۴، ۱۵،
۱۹، ۲۲، ۲۳، ۳۲، ۳۶،
۴۴، ۷۲، ۷۳، ۱۰۴
هٺ يوگ ۳۳، ۱۰۱
هاضمو ۴۰، ۸۲، ۱۲۶، ۱۷۲
هوا جو نشان ۵۴
هوا تازي ۸۲
هارمونس ۹۶
هي - بخار ۱۲۲-۱۲۶، ۱۳۹
هند ۱۱۰
(ڏسو: سمهڻ جو طرف)
هيانءُ ۱۷۶، ۱۸۰، ۱۸۳

ي

يوگ ۱۳، ۱۴، ۱۶، ۱۷، ۲۰،
۲۹، ۳۱-۳۶، ۴۵، ۵۵، ۵۹،
۶۰، ۱۴۸
يوگ منتر ۹۳
يوگ فيلسوفي ۳
يوگ آشرم ميسور ۲۲، ۲۳،
۲۴، ۲۷، ۱۲۹
يوگ شالا لوناوالا ۲۰
ييسٽ، بروٿرس ۷۶، ۷۸

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُ، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليککَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڌِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)